ڊاڪٽر رُشدالله ’مخمور بخاري‘

# شيخ اياز جو فڪري پس منظر

***Abstract:***

*Shaikh Ayaz is Well known poet of modern Sindhi poetry. His intellectual background includes Sindhi, Hindi and Persian poetry. In this research paper, the intellectual effects of Shaikh Ayaz have been discussed only from Sindhi folk poetry, classical and uroozi poetry. Folk literature is an example of the knowledge and wisdom of centuries. Ayaz also sang folk song( مٿيهار)in a modern style inspired by three folk songs.*

*Shaikh Ayaz considers his thought to be a continuation of Sindhi classical poets Shah Abdul Latif Bhatai, Sachal Sarmast and Sami and says that my thought is a modern expression of all these poets. Sindhi Ghazal begins with "Dewan-E- Gul" published in 1858AD. Shaikh Ayaz said this Sindhi ghazal in a more beautiful and modern way in terms of thought, art and language. His ghazal proved to be a unique ghazal of his time.*

*In this research paper, the intellectual background of Sindhi folk, classical and uroozi poetry has been briefly presented, which influenced Shaikh Ayaz, because no idea can be separated from its past, rather it is a continuation of it.*

**تخليق** ۽ تخليقڪار هڪ ڏينهن، رات، هفتن، مهينن ۾ جڙي ۽ پيدا نہ ٿي سگهندا آهن، ان جي پس منظر ۾ صدين جو سفر هوندو آهي. اڄ جيڪو اياز اسان جي سامهون جديد سنڌي شاعري جو جهنڊو بلند ڪيو بيٺو آهي، ان جي پس منظر ۾ بہ سنڌ جي سوين سالن جي شاعري جو تسلسل آهي. جنهن کي اسان اياز کان ڇني ڌار نہ ٿا ڪري سگهون. هو ان تسلسل جو هڪ سگهارو حصو آهي. اياز جي ان پس منظر ۾ ڪيترائي حوالا آهن:

### لوڪ ڏاهپ / ادب، ڪلاسيڪل توڙي عروضي شاعريءَ جو ابتدائي دور:

اياز جي فڪر جون پاڙون ڌرتيءَ ۾ کُتل آهن. هڪ سڄاڻ ۽ باشعور





شاعر جي حيثيت ۾ هو پنهنجي ڪلاسيڪل ورثي کان واقف آهي. هن وٽ شاهہ، سچل، ساميءَ جو گڏيل شعور آهي. اهو شعور، جنهن صدين جي سفر کان پوءِ هڪ صورت اختيار ڪئي، جنهن ۾ بني نوع انسان جي مان، شان، حيثيت ۽ ان جي فطري آزاديءَ جو پيغام آهي؛ اُهو شعور جيڪو انسان شناسي، انسان دوستي، محبت، خلوص، سچائي ۽ پاڻ ارپڻ جو آهي. اياز چئي ٿو:

مان ئي سچل، مان ئي سامي، مان ئي آهيان شاهہ،
منهنجي من ۾ ڇوليون ماري، سنڌو! تُنهنجو ساهہ.

سَچَل، سامي، پِٽَ ڏٽي
جنهن ۾ پيي ڪا قَرب ڪٽي
آءُ انهيءَ جي پير - پٽي
ڇو تہ اُهو هيءَ ڌرتي آ
ڇو تہ ڇَپر مان ڇَاٽ ڇَٽي
هُونئن تہ مون ۾ ’آءُ‘ گهٽي
هُونئن تہ مون ۾ ’آءُ‘ گهٽي (١)

اياز جي ڪتاب ’رڻ تي رم جهم‘ ۾ ڪجھ نظم بلهي شاهہ، وارث شاهہ ۽ ماڌولال حسين جي اثر هيٺ آهن.جيڪو ان شاعر جو فڪري تسلسل آهي. اهڙيءَ طرح عمر جي آخري حصي ۾ سندس چؤسٽا سلطان باهوءَ جي اثر هيٺ بہ آهن ڪٿي تہ هو باهوءَ کي مخاطب بہ ٿيو آهي:

هو نيرو آڪاش ڏسين ٿو جڻ مئخانو، هُو
تن مان نور پيو ٿو ڇَلڪي وڪ وڪ آ پئمانو، هُو
جنهن بہ ڇُڪي ڪا پيتي، اُن مان نيٺ ٿيو ديوانو، هُو
ڳُوڙهو آ اسرار ازل جو، ڪو بہ نہ فرزانو، هُو

شام لٿي آ، رنگ شفق جي، ڌرتي پاتي پوتي، هُو
رات اڃا ڪاراڻ نہ ٿي آ، جَر تي آهي جوتي، هُو
سج وري اُڀري اڇٺو آ، سِج نہ ٿيندو فوتي، هو
’باهو‘ هي اُهڃاڻ اِلاهي، تنهنجي لاءِ ميجوتي، هُو (٢)

شيخ اياز سنڌي ڪلاسيڪي دور مان سفر ڪندي، عروضي دور جي ابتدا مان بہ گذريو آهي. هن وٽ جيڪو غزل جو خوبصورت نمونو آهي، اهو يقيني طور هڪ دم سان نہ پيدا ٿيو هوندو. اهو آهستہ آهستہ سفر در سفر اياز تائين پهتو آهي. سنڌي زبان ۾ غزل جي شروعات جيتوڻيڪ اياز کان لڳ ڀڳ ڏيڍ بہ سؤ سال اڳ ٿي، پر غزل جي حوالي سان هڪ اهم نالو آهي خليفي گل محمد ’گل‘ هالائي جو آهي .

خليفو گل هالائي، هالاپراڻا جي مٽيءَ مان پيدا ٿيو.هن سنڌي شاعريءَ کي نوان رنگ روپ ڏنا آهن. هن هڪ ڌاري صنف غزل کي نج سنڌي زمين ۽ ماحول ڏنو آهي. هن کان پهرئين سنڌيءَ ۾ مڪمل غزل ڪٿي بہ نہ مليو آهي؟ نور محمد خستہ، حافظ عالي، ميان چتن يا ڪن ٻين جا غزل فرداً فرداً آهن. يعني اهي تعداد ۾ ٻنهہ گهٽ ملندڙ آهن، جن کي سنڌي غزل جي ابتدا تہ چئي سگهجي ٿي، پر اُن سان غزل جي فن ۽ فڪر بابت ڪا راءِ نہ ٿي جوڙي سگهجي. سچل سائينءَ جي طالب فقير غلام حيدر گودڙيي جا ڪجهہ غزل ملن ٿا جيڪي مذهبي رنگ ۾ رڱيل آهن. انهن جو اڀياس پڻ ضروري آهي. جڏهن تہ اسان کي خليفي گل جي غزل جو مڪمل ديوان ملي ٿو. هن جي سامهون سنڌي غزل جي ڪابہ مڪمل عمارت نہ هئي. هي پهريون شاعر آهي، جنهن فارسي غزل کي سنڌي غزل بڻايو ۽ پوءِ جي ايندڙ شاعرن لاءِ راهہ هموار ڪئي ۽ غزل کي نج سنڌي ويس ڍڪايو. هن جي اهڙي ڪوشش سان غزل سنڌ ۾ سفر ڪندي، اڄ جي جديد دور تائين پهتو آهي.

گل جي غزل جو نمونو:

دور دنيا جا مٺي، اي دل ڪئين آيا ويا
سُک مٿي سُورن سٺي، اي دل ڪئين آيا ويا
آيو اڄ يار گهر پيهي، ويا ڏکڙا وريا سُکڙا
مليو پرڏيهہ ۾ ڏيهي، ويا ڏکڙا وريا سُکڙا
کلئو اڄ باغ ’گل‘ رنگي، هزارو هيج مان زنگي
نباهيو نينهن نر نيهي، ويا ڏکڙا وريا سُکڙا[٣]

گل کان لڳ ڀڳ اڌ صدي پوءِ غزل کي مير عبدالحسين خان ’سانگي‘ هڪ نئون رنگ ڏنو. ائين ڪٿي چئجي تہ گل کان پوءِ سانگي غزل کي نج





سنڌي غزل بڻايو ان کي گيڙو ويس اوڍايو:

عمر پائرُ جي پاسي جي پَهُون چارينِ، پنهواريون،
سِڪن سارن سدائين مون کي سي سرتيون وَڙن واريون.
چَڙيون چوطرف چونگارين، وڻجارن جي ويڙهي وٽ، لاريون،
وَڻن سي، جي وڻن ۾ ويڙهہ جي لاتيون ٿيون ڪن لاريون.
عمر! انصاف ڪر، موڪل ڏي مون کي راڄ جا راجا،
وري پنهنجي وطن ۾ آءُ، ڏسان سانگي ۽ سنگهاريون. [٤]

اياز وٽ جيڪو غزل آهي، اهو مڪمل غزل آهي. هن وٽ فڪر جي اُجل بہ آهي تہ فني طور بہ ان جا سمورا لوازمات پورا ڪري ٿو. تشبيهہ کان صنعتن تائين، قافين جي خوبصورتيءَ کان ويندي آوازي هم آهنگيءَ ۽ ٻولي جي مُڌر ۽ سُريلي لهجي جي استعمال تائين هن غزل کي نج سنڌي ويس پارائي پيش ڪيو آهي. ساڳئي وقت هن وٽ شعري گهاڙيٽا خيال جي اظهار ۾ ڪا روڪ نہ بڻيا آهن، هو بنا ڪنهن رنڊڪ جي پنهنجي خيال کي اظهاريندو ويو آهي. جنهن ۾ پنهنجي سموري فڪر ۽ محرڪات ۽ بنيادن کي نظر انداز نہ ڪيو اٿس، بلڪ هو خود کي جامد بڻائڻ جي بجاءِ فڪري واٽ تي اڳتي وڌيو آهي. هن پنهنجي سموري شعوري سفر ۾ ڪٿي بہ پاڻ کي پنهنجي ٻوليءَ جي فڪري اساس کان ڪٽڻ جي ڪوشش نہ ڪئي. سنڌيءَ جي هڪ ٿري لوڪ گيت ’مٽهيار‘ جي پس منظر ۾ اياز لکي ٿو: ”سنڌي لوڪ ادب پڙهي، يقين ٿي وڃي ٿو تہ سنڌي ثقافت هر قيمت ڏئي بچائڻ جي شيءِ آهي.“[٥]

يعني هن جي شعر ۾ جيڪو نج پڻو آهي، ان جي پس منظر ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لوڪ ڏاهپ / ادب کان ويندي ڪلاسيڪل ورثي تائين ۽ ان کان بہ اڳتي عروضي شاعريءَ جي ابتدائي دور مان هن گهري طور تي فڪري مدد ورتي آهي. اياز جتي بنيادي اساس کي قبول ڪيو آهي يا ان مان ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪنيو آهي، اتي ان سموري کي پنهنجو رنگ بہ ارپيو آهي. مثال طور لوڪ گيت ’مٽهيار‘ جڏهن اياز پاڻ لکيو تہ ان لاءِ چئي ٿو:

”مون هن لوڪ گيت ۾ جدت پيدا ڪئي آهي ۽ نہ فقط ان کي موزون ترنم ڏنو آهي پر ان کي علامتي رنگ ۾ رڱيو بہ آهي.“[٦]

لاگت گوري رو نينهرو، پرديسي مٽهيار،
(پرديسي مٽهياري سان گورل جو نينهن لڳي ويو)

مٽهيارو گورل رو، جانڪڙيان موچان رو مٽهيار،پرديسي مٽهيار...
(گورل جو مٽهيار وٽيل مُڇن وارو آهي)

هالو تان سهيلڙيان ري جهولري، هالي جوئان مٽهيار-پرديسي مٽهيار...
(سهيليون هلو تہ قطار ٺاهي هلي مٽهياري کي ڏسون)

هالو سهيليان جهولرِ جهولرِ، جوئان مٽهياري رو هاٽ-چاڳڙيان چلان رو مٽهيار...
(سرتيون! هلو تہ هلي مٽهياري جو دڪان ڏسون)

ٻيجان ڏيکيا ماڻڪ آن موتي، سونل نرکيون مٽهيار-پرديسي مٽهيار...
(ٻين سرتين ماڻڪ موتي ڏٺا، پر سونل مٽهياري کي ڏٺو)

جنم ڏنو مٽهياري نان ماتاڙي، روپ ڏنو ڪلتار-پرديسي مٽهيار...
(مٽهياري کي ڄڻيو ماءُ ۽ ڪيس سونهن ڏني ڏاتار)

ميڪان لڳين، محبت رين آرو پار-پٽليان پاسان رو مٽهيار...
(محبت جون ميخون آر پار لڳي ويون)

ڪٿ اُتاران تهان جي پوٽڙي، ڪٿ اتاران ساٿ-ٻنيان پروان مٽهيار...
(ڪٿي تنهنجو سامان رکان ۽ ڪٿي تنهنجو ساٿ ويهاري)

ڪٿ ٻڌان تهان جو گهوڙلو، ڪٿ تهان جا ساج-پرديسيڙو مٽهيار...
(تنهنجو گهوڙو ڪٿي ٻڌان ۽ گهوڙي جا سنج ڪٿي رکان)

ڪٿ ڍاڙان تهان جوڍولڙو، ڪٿ جوئان تهان جي واٽ-پرديسيڙو مٽهيار...
(ڪٿي ڪٿ وڇايان ۽ ڪٿي تنهنجي واٽ نهاريان)

سونل جا ئي ٿي سريئي، ڪاڪل ڪوٽ مٽهيار،پرديسي مٽهيار...
(سونل ساهرين ٿي وڃي چاچا مٽهيار کي سڏراءِ)

چوڙلو چوکي ڏنت رو، ٻابل ٻانهين لا-جانڪڙيان موچان رو مٽهيار...





(بابل! سٺي عاج مان ٺهيل چوڙو وٺي اچ)

سنڌڙي ري مار گي اڏتي جائي ڪيهہ-پرديسي مٽهيار...
(سنڌ جي واٽ تان دزاڏامندي پئي وڃي.)[٧]

اياز ان لوڪ گيت کي هڪ نئين جدت سان پيش ڪري ٿو:

مَٽهيارُ آيو، مٽهيارُڙي!
مٽهيارُ ڙي!

آيو چَنن ۾، والا ڪَنن ۾،
ٻانا ٻَلي ۾، جهونجهار ڙي!
مٽهيارُ ڙي!

موتي لُٽائي، جوتي لُٽائي،
چا چا سجائي سنسارُ ڙي!
مٽهيارُ ڙي!

ٻانهنِ- ٻُٽيءَ جو، ويندي لُٽيءَ جو،
چوريءَ چِنيءَ جو، سينگار ڙي!
مٽهيارُ ڙي!

گهونگهٽ هٽائي، جهومر ٽِڪائي،
چا چا وِرُونهُون ڙي!
مٽهيارُ ڙي!

ٻانهون ٻَچيءَ ۾، دانهون ٻَچيءَ ۾،
ڪَنمال پائي، مَنتار ڙي!
مٽهيارُ ڙي!

هيءَ هيءَ سهيليون، ڪيڏيون ڳهيليون،
هن جو تہ سڀ سان آ پيارُ ڙي!

مٺهيارُ ڙي!

وڇٽو به آهي، مچٽو به ناهي،
تو واڳ ورائي هسوار ڙي!
مٺهيارُ ڙي!
اڪٽيون نه اڙجو، پيءُ جاءِ جَڙجو،
روئي نه روڪيو مَٺهيارَ ڙي!
مٺهيارُ ڙي! (٨)

سندس ٻين ڪيترن ئي شعرن بابت هن ڳالهه کي سامهون رکي سگهجي ٿو. مثال طور: اياز جيڪي منظوم ڊراما لکيا انهن ۾ ”دودي سومري جو موت“ يا ”ڀڳت سنگهه کي ڦاسي“ تاريخي ڪردارن بابت آهي. جن ۾ هن انهن جي تاريخي حيثيت کان وڌيڪ ڪردارن کي علامتي بڻائي، انهن کي تخليقي انداز سان پيش ڪيو آهي. خاص طور دودي ۽ چنيسر جي ڳالهه لوڪ روايتن آڏار اسان تائين پهتي آهي. اياز ان کي جنهن شعري خوبصورتيءَ سان پيش ڪيو آهي، اهو ان جي فڪر جي اڏامر جو هڪ مضبوط حوالو جڙي پيو آهي. محترم ابراهيم جويو هن منظوم ڊرامي متعلق لکي ٿو: ”دودي سومري جو موت“ هڪ علامتي ڊرامو آهي، جنهن جا ڪردار پراڻا به آهن ۽ هاڻوڪا به آهن. هي ڊرامو قومي جدوجهد جي پڌر تي زندگيءَ ۽ موت بابت ٻن مختلف نظرين جي عملي اظهار جو ڊرامو آهي.“(٩)

جنگ جي ميدان ۾ جڏهن دودو شديد زخمي ٿي ڪري ٿو ۽ چنيسر پنهنجي هوڏ تي قائم رهندي ساڻس مخاطب ٿئي ٿو:

جَر قوتي جي قُوند اَجائي،
دودا! تو ڇو جان گنوائي؟
هر ماٿوءَ جي هاڪَ به مِٽي،
هن ڌرتيءَ تي ڏاکَ به مِٽي،
آڻ مڃين ها، عيش ڪرين ها،
هيئن جوانيءَ ۾ نه مرين ها.(١٠)

دودو ان حالت ۾ به پنهنجي اٽل ارادن تي بيٺل آهي، ڪيس ڪو به پڇتاءُ نه آهي.





چئي ٿو:

ڇا به چَوين، مان مرڻو ناهيان،
ويسُ مٽائي ورڻو آهيان.
تون به چنيسر جو ڪجهه چاهين،
مون کان اڳ ۾ ورڻو آهين.
نانءُ نئين سان، ويس - بدل سان،
تنهنجي مُنهنجي جنگ ازل کان
جاري آهي جاري رهندي
جاري آهي جاري رهندي.(١١)

ابراهيم جويي، اياز جي خاص طور غزل جي لب لهجي متعلق ’هي گيت اڇايل مورن جا‘ ۾ لکيو آهي: ”شاعر جي ٻوليءَ جو خاص حصو اُهي علامتون پڻ آهن، جيڪو هو پنهنجي مقصد جي ادائگيءَ لاءِ ڪم آڻي ٿو. غزل جي شاعريءَ جون علامتون، ساقي ۽ مئخانو، گل ۽ بلبل، شمع ۽ پروانو وغيره، حُسن ۽ عشق ۽ تصوف جي ڪيفيتن کان سواءِ هاڻي سياسي ۽ سماجي خيالن جي اظهار لاءِ پڻ ڪم آنديون وڃن ٿيون. سنڌي ڪلاسيڪل شاعريءَ جون علامتون چانگو، ڪانگ، اٺ، سامونڊي، چارڻ، ٿوٻو، ڪاهوڙي، جوڳي، وڻجارو وغيره ۽ سنڌ جي رومانوي داستانن جا سڀ ڪردار، واقعا ۽ حالتون به عشقيه ۽ تصوف جي مضمونن کان علاوه هاڻي سماجي ۽ سياسي فڪر جي ترجمانيءَ لاءِ ڪم اچن ٿيون (۽ انهن کي ائين سماجي ۽ سياسي فڪر جي اظهار لاءِ علامت طور ڪم آڻڻ ۾ به اياز جو پهريون ۽ مکيه هٿ رهيو آهي.)“(١٢)

اياز غزل کي جيڪا ٻولي ڏني آهي ان کان پوءِ اهو وساري ويهجي ٿو ته غزل ڏاري صنف آهي:

نه تَڙَ تي تماڇي، نه گندري گُذارا
اَسارا اَسارا ڪِنجهر جا ڪنارا
اُتر واءُ اوتي، جتي عطر توتي
هيا هَنجَ! تنهنجا اُتان هي اُڏارا!

ڳُنڌي وارَ ڪنهن لاءِ آئينءَ ڳهيلي؟
چَري! چاڳ ڪهڙا! ڪٿي چاهه وارا!
رات آئي وئي، تون نه آئين ڪهي
ماڪ ۾ مَيندرا ڪاڪ روئيندي رهي

يا هي لهجو:

مِينهن موتي ويا، ڏينهَن اُيري لٿا
تون نه آئين پرين! وِهُه لڳي ٿي وَهي.[١٣]

پر هي موضوع ۽ لهجو اياز غزل ۾ نهايت خوبصورتيءَ سان سموهيو آهي، جنهن ۾ اتهاس ۽ فڪر جي گهرائي موجود آهي ته ٻئي طرف ان ۾ سندس ڪمال تخليقي انداز جرڪي رهيو آهي:

نه ڄاڻان ائين ڇو اَڏيءَ آڏَ ويهي
اسان جا اَڪيچار ڪُونڌر ڪُٺائون!
نه معلوم سَرمست ڪنهن حال ۾ ها!
لٽاڙي ويا هو خُدايون، خدائون[١٤]

تهذيبون ۽ فڪر جيئن جيئن سفر ڪندي پنهنجي وقت جي ادراڪ مان ايندڙ وقت لاءِ روشني پيدا ڪندڙ خيال ڪٽي اڳتي وڌندا آهن تيئن تيئن منجهن پختگي ايندي ويندي آهي ۽ وقت جا ڏاها ان خيال جي لاٽ کي اڳتي ڪٽي هلندا رهندا آهن ۽ پنهنجي گذري ويل ڪلهه مان ايندڙ وقت جا نوان موڙ ۽ انداز طئه ڪندا آهن. اياز به بلڪل ساڳيءَ طرح وقت جي سجاڳ ۽ ڏاهي جيان اهو ئي ڪجهه ڪيو، هن جيڪو ڪجهه پڙهيو ان کي پنهنجي اندر ۾ ڪڙهيو ۽ آويءَ ۾ پچيل ٿانوَن جيان هن جي اندرمان جڏهن هن جا خيال / سوچ ظاهر ٿي پنهنجي گهري اپياس / ادراڪ مان ڦٽي نڪرڻ باوجود، نت نوان ۽ منفرد ٿي ظاهر ٿيا آهن. هن جي تخليقي سگهه جو اهڙو منفرد انداز ۽ لهجو آهي، جنهن کي وقت جي دز شايد گهڻي عرصي تائين لَٽي نه سگهندي. اياز پاڻ بابت لکي ٿو: ”فنِ شاعريءَ جي معيار تي سوچيندي، مون کي شاهه جي سٽ ’ڪنول پاڙون پاتار ۾، پؤنر پِري آڪاس‘ ياد پوندي آهي. هر عظيم شاعر جي روح ۾ سندس





پوري ماضيءَ ۽ ان فني تخليقات، روايات ۽ فلسفئه حيات جون جڙون آهن، جي هن جي شاعريءَ جي نشونما ڪري، ان کي شگفته ڪنول جو رنگ روپ ڏين ٿيون ۽ هن جي فن ۽ فڪر جي انفراديت پؤنر جيئن پِرندي، آڪاش ۾ اڏامندي ٿي رهي. جڏهن ’ٻنهي سندي ٻالهڙي‘ راس ٿي اچي ٿي، تڏهن هڪ فني شهپارو تخليق ٿئي ٿو.“[١٥]

جي پنهنجو نُور نِچوئي ويا ۽ تُنهنجي جوت جلائي ويا
سي لُڙڪَ مِٽيءَ ۾ لوئي ويا، پر چا چا موتي پائي ويا
اڄ ڪوبه ڳچيءَ ۾ ڳٽ نه آ، ڪو مڙس اُنهن جو مَٺُ نه آ
جي سارا ڪوٽ اُڏائي ويا، سي گهوٽَ اسان کي گهائي ويا
هو بادل بادل آيا ها، جن جَل ٿَل پال پلايا ها!
اي ڪيت ڪِڙو او شال ٽِڙو! هو پنهنجا مينهن وسائي ويا.[١٦]

## حوالا


١. اياز، شيخ، ’شيخ اياز جو سڄو شعر (گڏيل مجموعو)‘، جلد پهريون، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ٢٠٠٨ع، ص: ٦٠ ۽ ص: ٧٦٤ .

٢. ناشاد، نفيس، احمد، (ايڊيٽر)، ٽماهي مهراڻ (شيخ اياز نمبر)، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ١-٢، ١٩٩٨ع، ص: ١٣.

٣. هالائي، گل، خليفو گل محمد، ’ديوان گل‘، بمبئي ڇاپو، ١٢٧٥ھ ١٨٥٨ع، ص: ٤.

٤. ’سانگي‘، عبدالحسين، مير، ’ڪليات سانگي‘، تصحيح: ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٩ع، ص: ١٤٦.

٥. اياز، شيخ، ’شيخ اياز جو سڄو شعر (گڏيل مجموعو)‘، جلد پهريون، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ٢٠٠٨ع، ص: ٨٠١.

٦. ساڳيو، ص: ٨٠١.

٧. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: (مرتب)، ’لوڪ گيت‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، ٢٠٠٦ع، ص: ٦-٢٧٥.

٨. اياز، شيخ، ’شيخ اياز جو سڄو شعر (گڏيل مجموعو)‘، جلد پهريون، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ٢٠٠٨ع، ص: ٢-٨٠١.

٩. جويو، ابراهيم، محمد، 'مون ڏات انوکي آندي آ'، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي 'مانجهي'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠١٢ع، ص: ٧٠.

١٠. اياز، شيخ، 'شيخ اياز جو سڄو شعر (گڏيل مجموعو)'، جلد پهريون، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ٢٠٠٨ع،ص: ٤٣٢.

١١. ساڳيو، ص: ٤٣٢.

١٢. جويو، ابراهيم، محمد، 'مون ڏات انوکي آندي آ'، مرتب: ڊاڪٽر محمد علي 'مانجهي'، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ٢٠١٢ع، ص: ٣٠-٢٩.

١٣. اياز، شيخ، 'شيخ اياز جو سڄو شعر (گڏيل مجموعو)'، جلد پهريون، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، ڪراچي، ٢٠٠٨ع، ص: ٧-٦٢٥.

١٤. ساڳيو، ص: ٦٠٦.

١٥. ساڳيو، ص: ١٥.

١٦. ساڳيو، ص: ٢١٧.